غريب اللغات

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

غريب اللغات

(شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي ٽِن سُرن جي لغت)

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2021ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (339)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

غريب اللغات

ليکڪ: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2021ع

ڪمپوزنگ: محمد بخش ڀنگر

ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو

تعداد: 500

قيمت: 100 رپيا

ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

پاران: ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Advani, Bherumal Maharchand
Dictionary of poetry of Shah Latif
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-190-3

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Gharib-ul-Lughat (Dictionary of Poetry of Shah Latif)

By: Bherumal Maharchand Advani

First edition: December 2021

Quantity: 500

Price: 100

Composing: Muhammad Bux Bhangar

Title: Asadullah Bhutto

Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.

Tel: 022-9240050-52, 53

E-mail:

Website:

Printed by: M/S Ali Hasnain Process and Printing Services Hyderabad.

هيءُ ڪتاب، شبنم گل، سيڪريٽري، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ميسرس علي حسنين پروسيس اينڊ پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، مشهور محقق، عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ نويس ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جا ٻه ڪتاب 'غريب اللغات' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ڇپائي پڌرا ڪيا پيا وڃن. 'غريب اللغات' کي ڇپجي سو سال کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي، جڏهن تہ 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' سنڌي ادبي بورڊ طرفان مختلف وقتن تي ڇپجندو رهيو آهي.

'غريب اللغات'، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي اوائلي لغت آهي، جيڪا نہ رڳو 'ڪلياڻ'، 'يمن ڪلياڻ' ۽ 'ڪنڀات'جي بيتن ۾ شامل ڪن ڏکين لفظن جي معنيٰ وار سمجهاڻي آهي. جينوئٽيڪ هن کان پوءِ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جون ٻيون بہ لغتون، خاص ڪري 'لغات لطيفي' (مرزا قليچ بيگ) ۽ تفصيلي لغت 'روشني' (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) بہ تيار ٿيون، جن جا ڇاپا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرايا ويا آهن، پر هيءَ لغت شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي آڳاٽو ڪم آهي، جيڪو هڪ اثاثي طور پڻ محفوظ ڪرڻ بيحد ضروري هو.

ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي هن لغت لاءِ 'غريب اللغات' جي نالي جي چونڊ، پنهنجي تخلص 'غريب' جي حوالي سان ڪئي. جو پاڻ نہ صرف نثر نويس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو. ٻر سنو شاعر بہ هو ۽ شاعريءَ ۾ ’غريب‘ تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ شاهہ جا شارح هن لغت کي شاهہ جي ڪلام جي ٻي لغت ڪري مڃين ٿا. جو پهرين مختصر لغت ديوان ليلارام، لطيف سائينءَ بابت لکيل پنهنجي انگريزيءَ واري ڪتاب جي پوئين حصي ۾ ڏني هئي. ان مختصر لغت کي جڙ تہ ان ڪتاب ۾ ضميمي طور شامل ڪيو ويو هو. ٽين لغت مرزا قليچ بيگ جي ’لغات لطيفي‘ آهي، جيڪا پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري تقريباً پنجاهہ سالن بعد ڇپرائي پڌري ڪئي هئي.

اميد آهي تہ اسان جي هيءَ ڪوشش ساڃاهہ وندن کي پسند ايندي ۽ ائين سنڌي ٻوليءَ جي ناياب ڪتابن کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري رهندو.

12 ڊسمبر 2021ع — ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ديباچو

(ٻيءَ ڇاپي جو)

سنڌ ۾ هيل تائين جيڪي نظم جا ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، تن ۾ شاهه جي رسالي جهڙو ٻيو ڪونهي. ساميءَ جا سلوڪ ڪي گهٽ ڪينهن. سامي ۽ شاهه ٻنهي جو متو ساڳيو آهي، جو ويدانت ۽ تصوف ۾ تفاوت ڪونهي. ٻنهين جي واٽ ۾ اول کان آخر تائين اها ئي يڪتائيءَ جي تار هلي اچي. شاهه جيڪڏهين شريعت ۽ حقيقت جي باب ۾ بيت چيا آهن ۽ مٿاهين منزل جون ڳالهيون ڪيون آهن ته سامي به ڪرم ڪانڊ ۽ گيان ۽ ڀڳتي ڪانڊ جون پاڻيون پلٽينڌي نرواڻ تائين لنگهي ويو آهي. حقيقت جي مشاهدي ۾ پڻ سامي شاهه آهي ۽ شاهه سامي آهي. تفاوت هي آهي ته سامي ٻين وڏن شاعرن جيان پنهنجي من جي حالتن جو لسو ئي لسو بيان هڪڙيئي سُر ۾ ڪري ويو آهي ۽ شاهه نوان نوان ويس وٺي پنهنجي اندر جو حال اوريو آهي. ڪٿي ليلان ٿي ڏيکاري ٿو ته جو مٺئي تي محب تو مٺي، تنهن کي ڏٺي ڏڪي ڏاريو ٿو ڪري، ۽ انهي ڪري هو سچي سچ جي وکر وهائڻ ۽ مهراڻ جي موتين حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي من جي شتربي مهار کي ڏانوڻ ۽ ڏوريون ٻڌي ٿو. ڪٿي سهڻي ٿي لهرين جو لحاظ ڇڏي ساگر سير ۾ گهڙي ٿو پوي جو سندس چوڻ آهي ته:

گهڙيا سي چڙهيا، اٿين اٿيئي،
مٺي مٺي مهراڻ ۾، پيٺو تپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي، سنيوڙو سيٽاهه سين.

ڪٿي ڏيکاري ٿو ته ڪٿن سمي سردار پنهنجو هٿ ڏگهيڙي گنڌريءَ گولي، کي ٻانهن کان جهلي مٿي ڪيو ۽ اُن کي چوڏول ۾ چاڙهي راڻين جي راڻي (پٽ راڻي) ڪيائين. ڪٿي سسئي ٿي سر جو سانگ ڦٽو ڪري ۽ لوڪاڻي لڄ لاهي پنهونءَ پنيان ڪاهي پوي ٿو ۽ ڪٿي وري عمر جي محلن ۾ ويهي ماروئڙا ۽ ملير ملڪ سنياري ٿو. ڪٿي ڏسوس ته مومل ٿي راڻي جي رهاڻ کي واجهائي ٿو ۽ ڪٿي ڪانگل کي قاصد ڪري اُن کي

پرين لاءِ پيغام ڏئي ٿو. ڪٿي جوڳين جي سنڱ جو رنگ ڪولي مؤنن ۾ منهن وجهڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري ته ڪٿي وري گهاتو تي اگهور ٿو گهوري ۽ ساموندي تي ڪارو ٿو ڪيڙي. وري ڏسوس ته سوري سيج چاڙهي ۽ مرڻ مشاهدو سمجهي ڪلال جي هٽ تي سُرڪي جي سَٽِ ۾ سر سنباهي ٿو ۽ ڪٿي وري ڏسوس ته سورٺ ور تي توحيد جي تار تي ڪلهن ڪان ڪنڌ ڪوري ٿو ڏئي. اهي ۽ ٻيا ڪيترا ويس ورن آهن. جن شاهه جي ڪلام کي ايترو ڪنيون آهي، نه ته رسالي جي هر هڪ بيت ۽ وائيءَ جو اندروني مطلب اهو ئي آهي، جو ساميءَ جي سلوڪن جو آهي. شاهه پاڻ به چوي ٿو ته:

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين،
نيون من لائين، پريان سندي پار ڏي

رسالي جي هڪڙي خوبي اها آهي، جو ساڳيو مطلب جدا جدا لفظن ۾ ۽ جدا جدا ماڻهن جي واتان ڀيو اچي ۽ پڇاڙي سڀ جي وڃو الاهي عشق تي بيهي ۽ ٻيو ٻولي جيڪا ان ۾ ڪم آيل آهي، سا نهايت مٺي ۽ رس ڀري آهي. شاهه نج سنڌي لفظ تمام گهڻا ڪتب آندا آهن ۽ ڪٿي جي عربي، پارسي ۽ بلوچي لفظ ڪم آندا اٿس ته اهي وري سنسڪرت، سنڌي ۽ هندي لفظن سان اهڙو نهيا مليا ٻينا آهن، جو ناپئد تجنيس حرفي (alliteration) به رسالي ۾ ايتري آهي جنهن جي ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. اهڙي ڪا سٽ ئي ڪانهي جنهن ۾ اها نه آهي. ڪي بيت وندرائيندڙ ۽ ڪلائيندڙ آهن ته ڪي وري اهڙا گهمائيندڙ آهن جو پڙهندڙ جو پتو پاڻي ڪيو ڇڏين. رسالي ۾ ڪٿي ڪٿي شاهه هڪڙي مصرع جو اڌ يا ڪو ڀاڱو ڪيترن بيتن ۾ هڪبئي پٺيان ورائي ورائي ٿو آڻي ۽ ڪٿي ته فقط وچ ۾ هڪڙو لفظ ڦيرائي سڄي بيت جو قافيو ڦيريو ڇڏي اهو رستو اهڙو منو ٿو لڳي جو پاڻئجي ته وري وري ڀيو پڙهجي. (ڏسو ڪنيات، فصل 2 ۽ ساموندي، فصل 3). سر سهڻيءَ ۾ وري 'ساهڙ' لفظ تي مزو ڪيو اٿس. اهي آهن رسالي جون خوبيون جي پڙهندڙن جي دلين کي پاڻ ڏي ڇڪين ٿيون.

جيڪڏهين ڪو شاعر رسالو پڙهندو ته هن کي نڪو بحر نظر ايندو نڪو وزن. نڪي ڪي علم عروض وارا ارڪان. رڳو نالي جو رديف ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قافيو ڏسڻ ۾ ايندس، پر انهي ۾ ڪو شاهه جو ڏوهه ڪونهي. اهو شعر جوڙڻ جو نمونو سنڌ ۾ اصل رواجي هو ۽ سامي، دلپت رام، شاهه عنايت ۽ ٻين ڪيترن شاعرن انهي جهوني شعر جوڙڻ جي ريت کي شرف ڏيئي ڪلام ڪچو آهي. شاهه اصل گهڻو ڪلام چيو هو، پر ڪجھ جيترو وري پنهنجن هٿن سان ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيائين. جو خيال ٿيس تہ متان ماٺهو درويشن جي اُبتن ٿوبن جي اڪري معنيٰ وٺي گمراهه ٿين. شاهه جي وصال کان پوءِ ٿورو گهڻو ڪلام شاهه جي ڪنهن فقير وٽان لڌو، جو پوءِ سُرن موجب ناهي بيهاريائون. ڪن سرن تي اصلوڪين راڳڻين جا نالا رکيائون، جئن ڪلياڻ، سارنگ وغيره ۽ ڪن سُرن تي وري مضمون جي نظر تي پنهنجا نالا ناهي رکيائون، جهڙوڪ مارئي، مومل راڻو، ليلا چنيسر.

شاهه جو رسالو پهريائين ٽرمپ صاحب سال 1866ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. سال کن کان پوءِ وري بمبئي ڇاپو نڪتو. مگر اهي ٻئي نسخا اڳوڻي صورتخطيءَ ۾ هئا. تنهنڪري سن 1900ع ۾ اسان جي تعليم کاتي وارن رواجي صورتخطيءَ ۾ رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو. انهن ٽنهي نسخن ۾ ڇاپي جون چُڪون توڙي ٻيون سهوون ۽ غلطيون گهڻيون آهن ۽ انهن مان ڪنهن ۾ بہ شاهه جو سمورو ڪلام ڏنل ڪونهي، تنهنڪري چئبو تہ اجا صحيح ۽ سڄي نسخي جي سنڌ ۾ گهرج آهي.

رسالي ۾ جي ايتريون غلطيون رهجي ويون آهن تہ انهيءَ ڪري ڪو ماڻهو اهو نہ ڪين ٿا پڙهن. رسالي پڙهڻ جو ماڻهن ۾ تمام گهڻو چاهه آهي، اجا بہ جي اڳيان ڪو معنائن جو ڪتاب هجين تہ هوند جهڻي وچنس. مون کي ننڍي لاڪر رسالي پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. مون پوءِ سعيو ڪري هٿي ڏٽي ڏکين لفظن جون معنائون هٿ ڪيون ۽ 1905ع ۾ اجا معنائن جي ڪتاب ڇپائڻ جو خيال ڪيم تہ معلوم ٿيم تہ مرزا قليچ بيگ صاحب رسالي جون معنائون لکي تيار ڪيون آهن ۽ جلد ڇپائڻ وارو آهي. هن صاحب پوءِ منهنجي چوڻ تي پاڻ واريون معنائون ڇاپخاني ۾ موڪلڻ کان اڳ مهرباني ڪري مون ڏي ڏياري موڪليون. تنهن وچ ۾ وري هڪ لغت مرحوم آخوند عبدالرحيم بن محمد وفا عباسيءَ جي هٿ لڳيم ۽ هڪ ٽرمپ صاحب وارو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رسالو مليم، جنهن ۾ حاشئي تي انهي ساڳئي آخوند صاحب جي دستخط، اهنجن لفظن جون معنائون لکيل هيون. انهن تنهي ڪتابن سان پنهنجون معنائون ڀيٽڻ لڳس، پر انهي ڪم ۾ مون کي تمام گهڻو وقت لڳي ويو جنهنڪري گذريل سال پاڻ واريون معنائون ڇپائي ڪين سگهيس.

هن دفعي رسالي جي رڳو ٻهرين تن سرن جون معنائون ڇپائي پڌريون ٿو ڪريان ۽ اُميد آهي ته بيا پاڳا بہ جلد ڇپائي پڌرا ڪندس.

هن ڪتاب ۾ اهنجن لفظن ۽ جملن جي اڳيان جي انگ ڏنل آهن، سي نئين رسالي جي بيتن جا نمبر آهن ۽ جن معنائن يا پڙهڻين پٺيان ماڻهن جا نالا ڏنا اٿم، سي سمجهڻ گهرجي ته مون کي اُنهن صاحبن وٽان مليون آهن. رسالي جو منتخب آءٌ ڪي ڏهاڙا ساڌو هيرانند وٽ پڙهيو هوس. هن سنڌ جي سينگار سڌارڻ کان پوءِ سندس وڏي ڀاءُ ديوان تاراچند شوقيرام، پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي، ائڪدمي جي شاگردن کي رسالي پاڙهڻ جي تڪليف پاڻ تي هموار ڪئي. آءٌ هينئر چئي نٿو سگهان ته ڪهڙيون معنائون مون کي ساڌو هيرانند وٽان ۽ ڪهڙيون ديوان تاراچند وٽان مليون هيون، پر اها خبر اٿم ته مرحوم آخوند احمدي ڀٽ واري جا نوٽ ٻنهي وٽ هئا، تنهنڪري مون هن ڪتاب ۾ انهن ٻنهي پائرن جي نالن ڏيڻ بدران آخوند احمديءَ جو نالو ڏنو آهي. نئين رسالي جي ٻهرين تن سُرن ۾ جيڪي ڇاپي جون چُڪون آهن، سي بہ هن ڪتاب ۾ ٻڌايون اٿم ۽ پڙهندڙن جي سهولت لاءِ شاهه جي بيتن جو مختصر احوال اٿم جو مون گهڻو ڪري سمورو مرزا قليچ بيگ صاحب جي ڪتاب 'احوال شاهه ڀٽائي' مان ڪڍيو آهي.

پڇاڙيءَ ۾ منهنجي پڙهندڙن کي ٻنتي آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا اهڙي معني خيال ۾ اچي وڃي جا مون نہ ڏني هجي ته اُها مهرباني ڪري مون کي لکي موڪلين، ان لاءِ آءٌ سندن گهڻو شڪر گذار رهندس.

ڪراچي

12 جولاءِ 1906ع

پيرومل مهر چند

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه جو ٿورو ذڪر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي شاهه حبيب جو پٽ ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو تڙ پوٽو هو. هو سال 1102هجري مطابق سن 1689ع ۾ هالن جي تعلقي ۾ ڪنڊيائن جي ويجهو ڀئي پور ۾ ڄائو هو. سندس ڄمڻ جي جاءِ هالا حويليءَ ۾ هئي جا ڀئي پور سان لڳ ڏکڻ اُڀرندي ڪنڌ ڏي هئي. شاهه سيد گهراڻي جو ماڻهو هو تنهن ڪري سندس نسل وڃي حضرت محمد صلي الله عليہ وآله وسلم سان ٿو لڳي. سندس وڏا اصل هالن ۾ رهندا هئا، پر 1398ع ۾ امير تيمور منجهائن ڪن کي وڏا وڏا عهدا ڏئي جڏهن سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن جو حاڪم مقرر ڪري موڪليو تڏهين اُنهن مان سيد مير علي شاهه ۽ سندس پٽ مير حيدر شاهه ڪنهن دفعي هالن ۾ ويا. جتي پوءِ ڪن ماڻهن سان نسبت ٿي وين. اهيئي سيد هئا جن مان شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو هو. شاهه صاحب جي ماءُ مخدوم عربي ديانا جي گهراڻي مان هئي ۽ سندس مقبرو پراڻن هالن جي اُڀرندي اجا تائين پيو ڏسجي.

ننڍي لاڪر هن جي چِت جو لاڙو ڏٺيءَ جي پاسي گهڻو هو ۽ جئن ويو وڏو ٿيندو تيئن سندس جوهر بہ ويو وڌيڪ ظاهر ٿيندو. پوءِ تہ ڪيترا ماڻهو ڪائنس ارشاد وٺي سندس مريد ٿيا.

تن ڏينهن ۾ مغل بيگ مرزا ڪوٽڙيءَ جو حاڪم هوندو هو. جا هاڻوڪي ڀٽ جي جاءِ کان پنج ميل پري ڏکڻ ڏي هئي. هاڻ اهو شهر ڦٽي ويو آهي، مگر ويرانو اجا ظاهر بيٺو آهي. چون ٿا تہ هڪ لڱا مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿي پيئي، سو شاهه حبيب وٽ ماڻهو آيو تہ هلي ڀاڄهہ جو هٿ گهمائينس. شاهه حبيب ان ڏينهن پاڻ بہ ڪو بُت ۾ خوش ڪين هو سو شاهه لطيف کي پنهنجي پاران موڪليائين. جنهن وڃڻ سان چوڪريءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي چيچ هٿ وني چيو تہ ”جنهنجي آڱر سيد جي هٿ ۾ تنهن کي نہ لهر نہ لوڏو“ نينگري تہ چڱي ڀلي ٿي، پر مغل چون تہ هن چيچ کان ڇو جهليس؟ بس پوءِ شاهہ جن سان اچي پاتائون. مغلن جي سورون. شاهہ پنهنجا گهر ڇڏي ڪٽي ۾ هئي هنڌ وڃي رهيو. هڪ لڱا ڏل ذات جا ڪي چور مغلن جي گهر ۾ ڪاهي پيا ۽ مال متاع ڀاري ڪٽي ويا. مغل چورن جي پٺيان وبندي، جڏهن شاهہ جن وٽان اچي لنگهيا، تڏهن شاهہ کي ماڻهو ساڻ ڪري واهر ڪرڻ لاءِ ڊوڙي وڃي مليا. مگر مغلن نهارين بہ ڪين، هن پوءِ سُنهن قسم وڌن، پر هنن حرف پٽي ڪڍيس، اتي شاهہ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پاراتي وانگر هيٺيون بيت چيائين:

بيگ تنهنجي بيگي ڪونڙيءَ ۾ ڪان،

اٿم آس الله ۾ دل مارينئي مان.

شاهہ جو اهو چورڻ گنتو ئي ڪين، مغلن جو سڄو لشڪر تہ مارجي ويو. پر مغل بيگ پاڻ بہ ڪين بچو. رڳو سندس هڪڙو پٽ ’گولو‘ نالي، پٺيان رهيو پر اهو بہ شاهہ جي پٽ لڳڻ ڪري پورو ٿي رهيو جو شاهہ چيو تہ ”مئو گولو لٿو پولو.“ مغلن جي زالن کي پوءِ اچي دل ۾ پيو تہ مغل بيگ جي نياٽيءَ جي شادي شاهہ لطيف سان ڪجي. آخر مڱڻو ٿيو شاهہ جي شادي 1714ع ڌاري ٿي هئي. سندس بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو. جنهن کي پوءِ مريد ادب کان تاج المحذرات ڪري ڪوٺيندا هئا.

ڪن مهينن کان پوءِ بيبيءَ کي حمل ٿيو هڪ لڱا پلي تي دل ٿيس سو تہ چو ڪوهيءَ تان شاهہ جي ڪنهن فقير هٿان پلو گهرايائين. شاهہ کي جڏهين هن قصي جي سُڌ پيئي تڏهين چورڻ لڳو تہ ”واهہ جو اهو اولاد ٿيو جو اجا پيٽ ۾ ئي آهي تہ وتي فقير رلائيندو. سياڻ ڄمندو تہ الاجي ڪهڙا ڪلور ڪندو. مون کي اهڙو ٻار ئي نہ گهرجي.“ چون ٿا تہ بيبيءَ کي انهيءَ دفعي ڪچو ٻار پيو ۽ وري حمل ڪو نہ ٿيس.

شاهہ جو مذهب هڪ الاهي اسرار هو. منجهس مسلماني ۽ درويشي گڏي پيئي هئي. صوفي تہ پڪو هو. پر جي ٻيون ظاهري مسلماني ٻريون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منجهس نہ هجن ها تہ اڳوڻن وڏن صوفين وانگر زماني جا ماٺو ڳالا ڪنس ها ۽ ملا ۽ آخوند تعذيرون ڪنس ها. جن سان في الحقيقت پوندي بہ ڪا نہ هيس، هو چوندو هو تہ:

”ملو نانءُ موليءَ جو آخوند سڀ انڌا،
لاهي ڇڏ لطيف چئي تن ڪاٺن جا ڪنڌا،
حاجي تنهن هنڌان، حرف نہ سکيا هيڪڙو“

پاڻ تسبيح پڙهندو هو ۽ روزا بہ رکندو هو جو سندس چوڻ آهي تہ:

روزا ۽ نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

پاڻ جو ڪڏهين مسجد ۾ وهندو هو ۽ ڪڏهين جوڳين جي سنگ ۾ تيرٿ ۽ تڪيا پيو پيٽيندو هو. سو هڪ لڳا پڇائونس تہ تون سني ڪين شيعو؟ چيو ”ٻنهي جو وچ“ چيائونس تہ ”انهن ٻنهي جي وچ ۾ تہ ٻيو ڪي بہ ڪينهي.“ چي ”آءُ آهيان بہ ڪي ڪين.“

مخدوم صابر ولهاري ٽر ۾ هڪ ڪامل شخص ٿي گذريو آهي، تنهن سان جڏهين شاهہ جي پهرين دفعو ملاقات ٿي، تڏهين شاهہ چيو تہ مون جهڙو ٻڏو هو تهڙو ئي ڏٺو. مخدوم سان ملا حسين نالي هڪ شخص ان وقت اتي هو تنهن ڀانيو تہ مخدوم تي شاهہ ٽوڪ ٿو ڪري سو شاهہ کي چيائين تہ ”تو کي ٿيو ڇا آهي، جو هئڻ هوش کان ٻاهر نڪتو وتين.“ شاهہ تنهن تي مرڪي هيٺيون بيت چيو:

پنوهارڪي ٻرهي جي هوند چکيائين،
تہ ميهارڪي منهين ساجهر ڇڏيائين.

هڪ لڳا شاهہ هاهوت ڏي وڃڻ لاءِ سنبت ٿي ڪئي تہ پٽس جهليس چي ”ابا واٽ تي جن پوت ۽ نانگ بلائون آهن سو تون اوڏانهن نہ وڃ.“ شاهہ تنهن تي گنڀيرائي سان هيٺيون بيت جواب ۾ چيس:

نکو جن جهان ۾ نکو سجي نانگُ،
سسئيءَ ڇڏيو سانگ تہ ڇپر مڙيوئي ڇاڙڪي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ لڳا شاهه راهوجن جي ڳوٺ ۾ قسمت سانگي وڃي رات تڪيو پر اتي جي ماڻهن سندس فقيرن جي خدمت ڪا نه ڪئي، جنهنڪري سڄي رات ويچارا بک سمهيا. جڏهين شاهه کي اها خبر پيئي تڏهين هيٺيون بيت چيائين:

راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نه وجهي،
رنون رب رلايون آهر اڳلي وات،
پليجن کان پاٺ پرجي آئي پيٽ جي.

شاهه هڪ لڳا هڏاڪث راهن جي ڳوٺ ۾ هو اتي ڏڏ گهريائين ته چيائونس ته پاسي ۾ گُجڻ جو ڳوٺ آهي، اتي زالون ڏڌ وڪڻڻ لاءِ ڪڍي ويئون آهن. شاهه تنهن تي چيو ته:

هڏا ڪنيون هليون ڪپياريون ڪمي،
ڇڏئيون ڪا نه پٽ تي سندي ڏڌ ڏهي،
گجن سان گهي، اونڌا ڪري آئيون.

مسلمانن وٽ راڳ حرام آهي، پر شاهه وٽ روز پيو گانو ٿيندو هو. بلڪ دم به گاني ٿيندي ڏنائين. هن کي نڪو درد ٿيو نه ڪا بيماري، مراقبي ۾ ويٺي ويٺي وصال ڪيائين. اهو واقعو سال 1165 هجري يعني 1752ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ٿيو. هيئنئر سال به سال انهي تاريخ ۾ بيو ذوالحج جي 9 تاريخ (شاهه جي حج جو ڏينهن) پٽ تي ميڙو لڳندو آهي، جو ساندهه ٽي ڏينهن هلندو آهي ۾ ماڻهن جا هشام شاهه جي سپڪ ۾ سوادي ڪافين ۾ رس پرين بيتن ٻڌڻ لاءِ اچي مڙندا آهن.

❊

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ جي رسالي جي اهنجن لفظن ۽ جملن جي معنيٰ

سُر ڪلياڻ

فصل پهريون

عليم = علم جو صاحب، ڄاڻڻهار

اعليٰ = وڏو (ضد – ادنيٰ)

عالم = دنيا

قادر = سگهتيوان

قدرت = سگهتي، طاقت

قائم = بيٺل (قيا م = بيهڻ)

والي = مالڪ

واحد = هڪڙو (ڏٺي)

وحدہٗ = هُو هڪڙو

رازق = رزق يا قدوت ڏيندڙ

رحم = رحم يا ٻاجهہ وارو

حمد = ساراهہ، تعريف

حڪيم = حڪمت وارو ڏاهو

جوڙون جوڙ = جوڙ سان جوڙ ناهہ سان جوڙ

وحدہٗ لاشريڪ لہٗ = هو هڪڙو (آهي)، ناهي ڪو شريڪ هن جو يا هن ڪي

لہٗ = هن ڪي يا هن جو

ڪارڻي = ڪم ڪندڙ وسيلو

نرتون = نرت سان

نائين = نمائين، جهڪائين، (مصدر ـ نائڻ)

هيجان = خوشيءَ سان (هيج = خوشي)

هِنين = دلين (هنيون = دل)

اوتڙ = خراب تڙ

اوليو = ڏکيو ڏکجي يا گهلجي ويو ڦاٿو

اُتو = چيو (مصدر ـ اُتڻ)

سين = ساڻ

قلب = دل

لسان = زبان، جيڀ

اُوءِ = اهي ('اوُ' جو جمع)

فائق = (فوق = تارون) مٿاهون، اڳرو اونچو اعليٰ

مِ فرمان = فرمان يا حڪم م

سنتڙ = چڱو تڙ (ضد اوتڙ، ڏتڙ، ڪتڙُ)

سالم = سلامت

هيڪائي هيڪ ٿيا = هڪئي هڪ ٿيا، ملي ويا

احد = ايڪو (الک)، هڪڙو (ڏٺي)

بالم = بي پرواهہ (2. محبوب)

آڳي = ڏٺي (آغا)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نسورو = نجو صاف

لاخوف عليهم ولاهم يحزنون = نہ آهي خوف مٿي انهن. (اوليائن) ۽ نہ آهي انهن کي ڏک — قرآن مان.

موليٰ = مالڪ, ڌڻي

معمور = اڏيل, آباد (عمارت مان)

مأمور = حڪم ڪيل (امر = حڪم) — قلمي رسالو

انگ = نشان, ورڌاتا جو انگ

نصيب = ڀاڳ, بخت

ازل = آهہ, شروعات

اُن جو = انهن يا هنن جو (اُن جو جمع اُنِ)

الا الله = مگر الله, فقط ڌڻي

حقيقت = حق شناسي جي حالت (ساڪيات ڪار). هي سلوڪ جو چوٿون درجو آهي, ٻهريان ٽي هي آهن:

(1) شريعت يعني شرع تي هلڻ (ڪرم ڪانڊ)

(2) طريقت يعني فقيراڻيو طريقو اختيار ڪرڻ يا دنيا کان فارغ ٿيڻ جي حالت, (ڀڳتي يا اُپاسنا ڪانڊ)

_ معرفت يعني خودشناسي جي حالت (گيان ڪانڊ)

هنيون حقيقت ڳڏيو = حقيقت سان دل ملائي يعني انهين منزل ۾ اک رکي يا انهين درجي تي پهچڻ جي چاهنا رکي

طريقت تورين = طريقت جي حالت وزن ٿا ڪن يعني جاچين يا سوڌين ٿا.

معرفت جي ماٺ = پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ڪري جا اندر کي سانت ٿي اچي, سا اها حالت عاشق پاڻ سمجهي ٿو پر ڪنهن کي ٻڌائي نٿو سگهي, جئن "گنگو کائي ڳڙ مشڪي ڪشڪي ڪينڪي".

ڏيساندر = ڏورانهان ملڪ, هتي اشارو اندر جي ڏسين جو پڻ آهي

ڏورين = ڳولين

ووڙين[1] = ڳولين

ڪلهنئون = ڪلهن کان

ڪورين = وڍين (ڪپڻ ڪورڻ)

محمد رسول الله = حضرت محمد خدا جو رسول آهي (ڪلمي جو ڀاڱو)

[1] ووڙڻ يا وٽڙڻ = ڳولڻ, يا هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ, پر هِن شايد معني تي آهي "وقت وڃائڻ" جا ديوان ليلا رام وطڻمل ڏني آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهه= خيال، اونهون ويچار
جيلان = جئن تہ، جو تہ
ڏئا = ڏٺيا، چوندا يا رڏٽڻ = جنڊڻ)
تيلان= انهين سبب، تنهن ڪري
وحدت ويا= وحدت ۾ ويا
(وحدت= هيڪڙائي)
پسي = ڏسي
نياڳي = اياڳي يا نياڳي ڪي
پوڙا= اي پوڙا !
ڪنين = ڪنن سان
سٽا = پڌا (سئڻ =سٽڻ، پڌڻ)
گهٽ اندر گهوڙا = وجود جي اندر
هڪلون يا زور پريا آواز
(وويڪ يا ضمير جا)
ساکي= شاهد (ڪراماً ڪاتبين
يا سڳورا لکندڙ جي اسان جا چڱا
مٺا ڪرم ٿا لکن، قرآن جي سورة ۾
لکيل آهي تہ قيامت جي ڏينهن
سايا سامهون ٿي چوندا تہ تون
غفلت ۾ هئين، پوءِ ڏٺي حڪم
ڪندو تہ هن کي دوزخ ۾ هڻو.
ويءُ وهائڻ = وڃ يا سؤدو
ڪرڻ (اصطلاح)
ڪتين جي هارائين = (حقيقت
جي اتم بازي جي ڪتين نہ) تہ بہ
اها وات نہ چڏ.
هنڌ تنهنجو هي= ماڳ تنهنجو
اهو ئي آهي يعني انهي ڪانسواءِ
تنهجو چاڙهو ڪونهي.
جام جنت جو = طهورا يعني
پاڪ پاڻيءَ جو پيالو جو ايمان
آڻيندڙن لاءِ آهي، يعني چوندئي
تہ ڏٺي ۾ ايمان آڻن جو پيالو
چاڙهہ يعني هن مان عقيدو نہ
گهٽائي 2. وحدت
حق= (1) سچي (2) ڏنڊ ٻڪ
ٻڪ وجهڻ = ياڪر پائڻ
ورسيا = پرميا، پلا (ورس = پُلَ)
ڊونديان = ڳوليان (هن بيت ۾
ديہ ايمان چتي وچڻ جو ذڪر
آهي)
ڪانه= ڪيڏانهن
وهانءَ= وهانءَ يا شادماني تي
وائي= ٻولي
مرڪي= نہ ڪي
خام = ڪچو، بي آزمودگار
مخلوق= خلقيل
ساوڪ= راهہ، رستو
ناقصائي=ناقصائي يا گهٽتائي مان
نڱيو= نڪتو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وحدتان= وحدت يا هڪڙائيءَ مان

ڪثرت= گهڻائي

هلاچو= گوڙ (هل هلاچو)

بِاللهِ= ڌڻيءَ جو قسم

مروئا= مرون، پسون

موران= ماڪوڙيون

پڪٽان= پکي (پکي پکڙ)

جل جلالهُ= وڏي وڏائيءَ وارو اکري

معنيٰ تجلو ڪيو وڏائيءَ اُن جي

جمال= حسن، سونهن

ڪمال= پورن

سنيهڙا= نياپا[1]

ڪر= ڪل، خبر(ر ۽ ل پاڻ ۾)

متبا آهن جٿن جر = جل

ڪرتار_ڪلتار)

اجل = موت (2) جليل جو

Sup يا Comp:

واهرو= واهر يا مدد ڪندڙ

سائي= اهائي

عين= ع

غين= غ

سمن= نالو هڪ هندي شاعر جو

سمن جا بيت سنڌ ۾ به مشهور

آهن، سندس هيو به هڪ بيت

هتي ڏجي ٿو

سمن ڳنڙي ڏول ڪي رهي

پون سين ڦول

دوگهڙي کا ديکها آخر ڏوُل

ڪي ڏوُل

عين ڪي عين= ع جي ع

(عين لفظ جي معني

آهي "صاف" غ جو نقطو "مايا" کي

چوندا آهن، اهو جي پاسي ٿيو ته

ساڳيو "عين" يعني صاف ٿي پئيو.

پڙاڏو= پڙلاءِ، پرتي شبد

ور وائي جو = ٻوليءَ جي رمز

---

[1] بيت شاه لطيف جي تڙ ڏاڏي شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو چيل آهي، جو نهايت صبر ۽ تحمل وارو ماڻهو هو. هڪ لڳا ڪي شخص سندس پرک لهڻ لاءِ سندس بنيءَ ۾ ويو. پاڻ ان وقت ڳاڏي تي چڙهي نار پئي ڪاهيائين. هنن مان هڪڙي پهريائين ٻنو ٻيجي ڇڏيو جنهن جي ڪري سمورو پاڻي ٻنيءَ کان ٻاهر وهندو ويو. پوءِ ڍڳا ڇوڙي ڇڏيائونس ته به هن ڪجهو ڪين. وري زور مان ڏڪ وڄايائونس. پر هن ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي هو پوءِ پيرن تي ڪري پيچڻ لڳس ته توهان ايترو صبر ڪئن ڏاريو؟ شاه ڪريم چيو ته ٻني پيچڻ ڪري آءٌ پاڻ خوش ٿيس جو ڏٺم ته ٻاهر جيڪو الهي سبزو بيٺو آهي، تنهن کي تو پاڻي ملي. جڏهن ڍڳا ڇوڙي ڇڏيو تڏهين پانيم ته توهان کي هنن تي قياس آيو آهي. تنهنڪري آءٌ اوهان جي نيڪ نيتي کان ارهو نه ٿيس. هنن چيس ته ڏڪ لڳڻ کان پوءِ به ماٺ ۾ رهيا سو ڪيئن؟ جي مون کي دل ۾ آيو ته الاهي سبزي کان پاڻي وانجڻ ڪري ۽ ڍڳن کي پانجاري ۾ ڏجها ڏيڻ ڪري ڌڻي شايد ڳري سزا ڏيم ها. تنهنڪري شڪر ڪيم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳالهہ جو وٽ يا پيچ.

قصر = ماڙيون محلات

ڪوڙين = ويهون ڪيتريون

سهس = هزار

پرک = نگاهہ نظر

ڪايائون = آڪار جسم

جيءُ سپ ڪنهن جيءُ سين = ساهہ يا جيو آتما سپ ڪنهن جيو ۾ آهي يعني سيني ۾ ساڳيو ساهہ آهي

درسن ڏارون ڏار = ديدار يا شڪليون ڀيون ڀيون آهن.

پريمَ = منهنجا پرين

پار = ڪم عادتون نشان

وائي = ڪافيءَ جو قسم

نينهن نيٽين ڳَڻ ڳالهہ = نيٽن جو نينهن يعني سچو نينهن ڳڻ جهڙي ڳالهہ آهي (2) نيٽن ۾ نينهن ڏاري ۾ ڳڻ جي ڳالهہ ڪري يعني ڏٺيءَ جي صفت جو بيان ڪري (سيڪا پرين ڪي پوڇي ٿي)

وو = هي لفظ بي معنيٰ آواز مٿي ڪٿڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

جا چِنايم چت ۾ = جا ڳالهہ دل ۾ جاچي اٿم

ٻجهي = سمجهي

لطيف = لطف ڪندڙ (ڏٺي) شاهہ لطيف

سُڄي = ٻڌجي

تساڙي = تنهنجي

گهايل = وڍيل ڦٽيل

ڪيتي = ڪئي

ويج = طبيب

مين = مان آءٌ

فصل ٻيو

اگهي اگهائي = ناچڱائي قبول پيئي يعني ان جو قدر ٿيو رنج پريان ڪي رسيو = جن پرين مون ڪي رنج ڏنو هو تن ڪي موٽي رنج وڃي رسيو يعني جن ڏنو تن ئي وري لاٿو (2) منهنجي رنج يا درد وڃي پنهنجي پرين وٽ نڪاءُ ڪيو.

انڌا اونڌا ويج = چٽ حڪيم

ڪچاڙيا = ڇو چا لاءِ

ڪانئين = ساڙين جلائين

ڏيل = جسم سرير اندر

پيچ = پيچي ڪانجهي آشا

سيج = سيجا هنڌ کٽ

مشاهدو = (جيڪي ڪي ڏسڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو لائق هجي) تماشو ديدار

اُپي = بيني

پريتڙو = پريت يا محبت جي حالت، محبت

مڙڻ = هنڌ، پوئتي موٽڻ

نظاري نروار = پڌري پٽ

قرار = پرتگيا، قول، وعدو

نيزي نظاري = تير جي سامهون

ڪناري = ڪناري تي (ڪنارو)

يا ڪينارو = ٽِڙ ڪاني (جنهن تي ڪاسائي گوشت ٽنگيندا آهن)

اُن ڪِي = انهن کي

سيڻ = سجڻ

سنرا = سرها، تازا، خوش

جيله = جيلان، چو تہ

تيله = تيلان، تنهنڪري

پاهون = پنيان، پنتي

سائون[1] = سکر، اشراف

سو وار = سوگهمرا، ڪيترا پيرا

ڏينهاٽيون = روز

چنگ چڙهين[2] = ظاهر يا پڌرو ٿين

جم = متان (اصل ـ جئن مَ)

پرت = پريت

پار = طرف، پريبن پر، چيڙو

جياءِ = جتان، جنهن هنڌان

پهرين ڪاتي پاءِ = اول ڪاتي واهہ يا وجهہ (گردن ۾ يعني خودي وڃا

ماهہ = ماس، گوشت

ڳيڙءِ = ڳڏءِ، ورتئي

پر = ريت، دستور

عظيم = وڏو (ڏٽي)

لچيو = لڏيو ٽڙڪيو

لوهہ = هي لفظ هتي ڪاتيءَ جي معنيٰ سان ڪم آيل آهي. ڪي وري چون ٿا تہ "لوهو" (رت) جو تصغير آهي.

اندوهہ = غم، فڪر، ڏک

منيائي = مني ئي (مني مُڏي، لمي)

ورمن = ترسن، سيڙجن

توءِ = تنهنڪري

مون پريان جا = منهنجي پرينءَ جا

قريب = ويجهو سجڻ

انگ = جسم، بدن

الله ڪارڻ = ڏٽيءَ خاطر

---

[1] ترمپ صاحب جي رسالي جي پڙهڻي آهي، ساهو يعني پهلوان.

[2] اصل معنيٰ چنگ تي ڳائجڻ يعني مشهور ٿيڻ ۽ جنگ وڙهڻ جي معنيٰ آهي سيني ۾ ڏنو ٿيڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ونءُ = وچ

تني = تنهين, انهن

ڳَري = ڳلي يا ڳلي يا ڳردن ۾ (2) وٽ, ويجهو

لنءُ = پريت, محبت

اڏي = ٻنڊ جو ٽڪر, جنهن تي گوشت مڇي رکي وڍيندا آهن.

مڇڻ = متان

مهاين جا = وڏيلن جا (2) پهلوانن جا (3) منهن ۾ يا اڳيان بيٺلن جا.

ڪلالڪي = ڪلال يا شراب چڪائيندڙ جي

ڪسڻ جو ڪوپ وهي = ڪسڻ جو غضب پيو هلي يعني جيڪو تو اچي سو تو ڪسجي.

سُرڪ = سرڪي, ڍُڪُ

ڪاتي = وڏي, ڪپي (سسي يا ڳردن)

ماتي = مت (شراب جو)

تِڪَ = ڳيت, هڪ ساهي ڍُڪ

پِڪَ = ڍُڪ, ذرو

منجهان گهوٽ گهاتي = اي گهوٽ! گهاتي (شراب) مان (2) گهاتي يا ڳوڙهي گهوٽي مان

ورنهه = پهلوان

وهاتڻ = وِهه ڏيڻ, تمام نشئي ڪرڻ

سروٽ = سر جي عيوض ۾

سرو = شراب

سٽ = مٽ سٽ, عيوض

ڪوءِ = گهٽي, گلي

مهيسر = مها ايشور يعني شو يا پيرم, جنهن جي مورت تي گتيوال وڪري ڪرڻ کان اڳ شراب جا ڇنڊا وجهندا آهن.

منڌ = مڌرا, شراب

هوءِ = هاڪار, تعريف

جان = جڏهين

رمز پروڙيم روءِ = اتڪل ۽ رخ سهي ڪيم يعني ڳالهه پوري پوري طرح سمجهيم.

سڀَٽي = ڀَٽائتي, فائديمند

پهت = چال, مرڪ, دستور

وٿي پويئي وَر = شراب جي وٿيءَ جي حاصليت ۾ ٿين يعني اها مليئي

سؤکي = آسان, خوش, پلي, چڱي

ڪڪوه = ڳاڙهو (شراب)

منڌ = مڌرا, شراب

پاسي = وٽ

وهسن = خوش ٿين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڪنن = انهن جا چڪن

چاڪ = وڍِ ڦٽ

آهِہ = دانهن

مَڪر = نہ ڪر

ڪاتي = ڪپي (سر)

سڌڙيا = سڌ يا خواهش ڪندڙ

ڪُهُ = ڇو ڇا لاءِ

جه = جڏهين

پڪون = سرڪيون ڍڪ (شراب جا)

سٽ ۾ = عيوض ۾

دوڳ = ڏڳل سنڌ ماس جا ٽڪر

دوڳ جن جا ديڳ ۾ = جن جو ماس (عشق جي) ديڳ ۾ (ڪڙهي پيو)

حاضر جني هٿ ۾ = جن جي هٿ ۾ (پنهجو سر) حاضر آهي، يعني جن پنهنجو سر وڍي ترڻيءَ تي ڪيو آهي.

ديڳين = ديڳين ۾

ڪڙئين ڪڙڪو نہ لهي = ڦٽ يا ڦرڙي جي ڪڙي جو آواز بند نٿو ٿئي، هر هڪ نڪاءُ ڏيندي ڦٽ تان ڪرندي پيئي ڪڙڪا ڪري (2) ديڳ جي ڪڙئي يا ڪني تان ٺمڪڻ جو ڪڙڪو يا آواز نٿو بس ٿئي يعني عاشقن جو ماس عشق جي ديڳ ۾ خوب پيو ڪڙهي!

واٽيندڙ = واتا يا حصا ڪندڙ ورهائيندڙ

سلهاڙيو = گڏيو ملايو (سلهاڙڻ = گڏ ٻڌڻ، ڳنڍڻ)

سِنئان = سسين ڪان

پڙي = برابر ٿئي

جي متي وٽ مڙن = جيڪڏهين (سجڻ) سر جي عيوض ۾ يا سر ڏيڻ سان ملن

سٽ جڙي = عيوض ملي

لڏاتي = لڏي يا لکئي سان، قسمت سارو

قطرو = ڦڙو

نظر ناز پرين جا = اسان جي نظر ۽ پرين جا ناز يعني اسين پرين ڏي نهاريون ۽ پرين ناز ڪري (اها اسانجي عبادت آهي) پرين جي نظر ۾ هن جا ناز (2) (اها اسان جي عبادت)

مينون = مون کي

ماهي = ماهيا چنڊ جهڙو سهڻو محبوب

درماندي = عاجز حيران

سگهائي = چڱيلائي (ضد اگهائي)

او اي = اي! اڙي!

آندي = آن دي اوهان جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مين پي = منهنجا سڄڻ (1) مان پيئي (2) (تنهنجي)

چيٽڪ = جادو

سُڻ وايا = پڌايان

نامي واسطي = ڌڻي جي ناءُ خدا جي واسطي (2) (پنهنجي چڱي) نالي جي صدقي

فصل ٽيون

اٿياري = اٿاري، جاڳائي

تنوار = آواز (بڪ بڪ)

وصال = ميلاپ، سنگت

حال = حال يا حالت جو

هادي = هدايت ڪندڙ

لائي ڏيئي لت = لائي (يا ونئي ڪري) لت ڏيئي

ڏکندي = بيماري، مرض

او = اهو

رقيب = نگهبان، سنڀاليندڙ

ساٽر = ساٽ وارو سنگتي، آڌار (2) هڪ قسم جا ٻن جي دوائن ۾ يا دوا طور ڪم ايندا آهن. هتي معني دوا

ساٽر صحت = صحت جي دوا

قهار = قهري، ظالم

ستار = ڍڪيندڙ، پردي پوش

لڄڻ ڪڄڻ نہ ٿيو = لڄڻ ٿيو پر ڪڄڻ نہ

عين = صدما، سنورو ۽ ڄُ

راهہ رد ڪرڻ[1] = راهہ بندي، چڏڻ

وتعزمن تشاءَ و تذل من تشا = ۽ (ڌڻي) عزت ڏئي جنهن کي وڻيس ۽ ذلت ڏئي يا خوار خراب ڪري جنهن کي وڻيس (قرآن مان)

پر ۾ = ڳجهو پالهو اندر ۾

اسباب = جمع "سبب" جو

آخر والعصر = والعصر جي آخر يا پڇاڙي

قرآن جي صورة 103 آهي "العصر" (يعني پيشن) ان جي شروع جا لفظ "والعصر" (يعني قسم آهي پيشن جو) ۽ پڇاڙي وارو لفظ اٿس "الصبر" تنهن ڪري آخر والصبر معنيٰ "صبر" (مستر ليلارام وطنمل)

اُٺائون = ڇپائون

---

[1] هڪ لڳا هڪ اکين ڪان سجو شخص شاهہ لطيف وٽ نور پنڻ آيو شاهہ ان وقت مراقبي ۾ هو. اچا شاهہ اکيون پٽيون تہ هو شخص بہ ڏسڻ لڳو ۽ خوش ٿي شاهہ جي پيرن تي ڪري پيو. جي ساڻ نور پنڻ لاءِ تو وٽ آيو هوس هاڻ آءُ ڏسي سگهان ٿو. شاهہ تنهن تي بيت 7 (رسالي ۾ هن سُر جو) چيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيکيو= ڏٺو

مناياں= مڃائي ڪان

سڪوت = ماٺ

چيت ڪري = چت لائي، ڌل لائي، سنڀالي

سچ ڪرڻ = ڏيکارڻ، سامهون ڪرڻ، آڇڻ

پرسين= پراون يا ڏارين سان

فاذڪروني اذڪر ڪم = پوءِ ياد ڪريو توهين مون کي (خدا کي) تہ آءُ ياد ڪريان توهان کي. قرآن سورة 2

هيڪار= هڪ وار، يا هڪ دفعو

پابوهي= مرڪي

الست بربڪم = (مخلوقن جي روحن کان ڏٺي پڇو تہ) نہ آهيان چا رب توهان جو؟ (قالو بلي) يعني چيائون "هائو" قرآن 75.

ڪنار= پاسو، سپرش

اونچي ڳاٽ= مٿي ڪنڌ

ڄُل = هل

آسرُ = آسرو امید

ماءِ= مون، مون کي

مُهن = وڃين، عذاب ڏيڻ

تيچي = ڪل لاهي، وڃي

ورهہ وتين= عشق وندين يا پرائين

واڍوڙيا = اڃ وڍيل

وهاء= وٺج ڪر

ڪول = ڪنول

مدوئا = ماڪي

چڻ پڻ= چٽي چٽي، چونڊي چونڊي

ڪليان = مگريون (جئن گلاب جون ڪليون)

پي = پريتم

♦ ♦ ♦

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُر يمن ڪلياڻ

فصل پهريون

انواع = قسم (جمع 'نوع' جو)

شفا = چوٽڪو چوٽڪارو

دارون = دوا، علاج

تنوارون = وارتائون، فڪر، ڳالهيون، يادگيريون

ڪارون = پڪارون، فرياد (2_ مهرباني)

ٻُڪي = ڦڪي، دوا

ٻئنون = ٻين ڪان

ڏنن = بيمارن، بستري داخل ٿيلن

ڏپ = دوا اک جي، هتي معنيٰ دوا

واريو = موٽايو

ڏکندن = بيمارين، مريضن (2 مرض)

جان ڪي = اچا ڪي

اکوڙيو = اڪيليو

تيڪم = بس نه ڪر (2) ڪپ يا مياڻ يا خاني ۾ نه وجهڻ (ترار يا ڪاتي)

تيري = تنهن جي

ٻنگا[1] = ٻنگ يا وجهه سان

نائڪ = تير، نيزو

وچا = وديا، علم

ميا = ڀاڄهه

گهائن سمن = (1) ڦٽن سان (2) ڦٽيلن سان

چنگ = هڪ قسم جو ساز

ٻنگ لهي = وجهه وٺي

ٻجهان = آءٌ سمجهان ٿو يا ڄاڻان ٿو

ڪاناريو = ڪان يا تير لڳل

ڪر ڪٽي = ٻانهن چوري، پاسو ورائي

ڪاناريا = ڪان يا تير سان زخميل

ڪُٽڪن = ڪنجهن، ڪنجهارڪن

لوهه = تير

لال = رتل (عشق ۾)

منجهاران = اندران

ڪنجهو ڪنجهه = دانهون دانهن

منهين = ٻونگي يا جهوپڙيءَ ۾

جي ٻڻ = جي نه

---

[1] ترمپ صاحب جي رسالي جي پڙهڻي "بانڪا" = بهادر، پهلوان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنجھ = سنجھا

پنيون = ميندي وغيره جي پني جا نار لاءِ مٿي تي رکبي آهي

ناٽين = چِڪ ڪن، ڪاهين

توڙ = پڇاڙي، آخرڪار، سر زمين، منزل مقصود

وائي = وارتا

اوڙڪ = نيٺ

سگھن = چگن پلن

وارين = ورائين

هنجھون = ڳوڙها، لڙڪ

رنڱن = رنگن، رونگ، گهرن، گُڙڪن

رنجوري = رنج وارو، بيمار رنجور، (2) رنج، ڏک (شرت صاحب)

ماموري = (امر تيل بيماري) هڪ قسم جو تپ لڳين لئن لطيف چوي سدا جي

سوري = شاهه لطيف تو چوي ته عاشقن کي محبت هميشه جي سوري تي لڳي يعني عشق جي ڏوريءَ مان انهن جو ڪنڌ ڪڏهين نڪرڻ جو نه آهي.

آيل = اصل لفظ 'آئي' = ماءُ، امان (ماءُ سمان جيڪا هن جي 'دادي' 'چاچي' تنهن کي به آيل يا آئي چئبو آهي)

وسهان = اعتبار ڪريان

روُن نه چُون = روئن نه چون

ورسيا = پرميا، پُلا، منجهيا

اٿيو = اٿو ٿرو نڪرو

فصل پيو

ڊيڙا = ڊِپ، دوائون

پون = زمين، ڌرتي

وائيءَ پيا = وات پيا، تڪرار ڪيائين

ڪِري = پرهيز

پنڌ پارياڻون = صلاح تي هليا

سِجهائيا = ڳاريا، ڳاري ڪيڇ ڪيا

ترس = قياس

چيتي = سنڀال لهي

تيلاهين = انهين ڪري ئي

موريسر = چاليون، اکين جي بيماري

هاريا = اي هاريل، وبل!

ڪُپج = ڪنائي، خرابي

(ڪيچو = ڪنويا بچڙو ماڻهو)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪريين = ڪرين، تون ڪرين

توانو = چڱو ڀلو تازو توانو

مڙان= مِلان، گڏجان

چورانڪي = چورن جي

ذات = ڍنگ، عادت، دستور

اجهي ٻجهي = (1) هٽي هٽي

رلي چلي (2) ڏوري ۽ سمجهي (3)

سمجهي پرجهي

وات = وات سان

سلي = تونگ ڪري

(2) ڏسي ٻڌائي، رمز سهي ڪرائي

(فاعل مرشد)

تڙي = هڪالي

چڪيا چاڪ = ڦٽ وهيا

(چڪڻ = ڳرڻ، وهڻ)

ڇيهون = چرون (ڦٽ جو وڏو ۽

اندر پرو هوندو آهي، تنهن

کي "چر" چئبو آهي) (2) رازن

(ڦٽ ڦاٽي وهڻ لڳا)

درسن = ديدار

نين = ڦٽن

اُبهان = جيڪڏهن "پ"

هينان زبر ڏيئي پڙهبو تہ معنيٰ

ٿيندي "اٿي کڙي ٿيان" ۽ جي

زبر ڏيئي پڙهبو تہ پوءِ معنيٰ

ٿيندي "بچان، بخشجان"

پيڙ = بيماري، ڪشٽ

روز ڪيائون راس = هڪڙيئي

ڏينهن ۾ نئوبنو ڪيائون

راس = راست، برابر

ڪرلاهو = خبر لهندڙ

ڪہ = ڇو

ڪويچ = چٽ طبيب

جو ويڄن جي وات = جو

دارون ويڄن جي وات ۾ هو يعني

جيڪا دوا هنن هر گهڙيءَ پئي

چئي يعني جنهن جو تاڪيد

پئي ڪيائون.

دارون = دارون يا دوا ڪان

ڪارون =ٻاجهون (2_ پڪارون)

نهاري ناڙون = نبضون ڏسي

سارون = سنڀالون

مهري = مهر ڪندڙ

(2) (صحت) تنهاري = تنهنجي

فصل ٽيون

وهي = هلي

ويساهہ وسهڻ = اعتبار ڪرڻ

هوءَ = زار (ذڪ جو)، شمڪارو

ڪاندين ٽاندين ٻاپرين = ٻير

۽ ڪنڊي جي ٽاڻڊن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويڄنئون = ويڄن يا طبيبن ڪان
وهيٽي = اختيار ٻلي
سر = تير (سنسڪرت ـ شر)
سڏيو = سامهون ڪيو
پر = آڏا، ٽِيڪ
پيڏي = ڪرائي جو ڪنڊو
ڪرنگر = پنيءَ جو ڪنڊو مٿو
پک = تير جو ڪنب
Barb of an arrow
پاساريون = پاسريون
ٻيٽي = ٻٽي
ٻنگا = وجهه وٺي
ڪڙڪڙ = آواز (چٽل تير جو)
چمڪڻ = آواز يا ڪڙڪڙ ڪرڻ
جيءُ جڙي = بدن کي جڪڙجي
يا قابو ٿئي
ٽاٽيان = چڪيان، ڪيڏان
سيلو = تير
تيگڙ = هڪ مڇي مار پکي، جو
تبرڪو ڏيئي مڇي جهلي جهٽ
مٿي اُڏامي ويندو آهي. هتي
